غير رسمي تدريس جي طريقي مطابق

# مذهبي تعليم

## استادن جو رهبر

پيڪيج - اِي (درجو اٺون)




Directorate of Curriculum Assessment & Research (DCAR)

School Education & Literacy Department, Government of Sindh

Directorate of Literacy & Non-Fomal Education

غير رسمي تدريس جي طريقي مطابق

# مذهبي تعليم

## استادن جو رهبر

پيڪيج - اِي (درجو اٺون)

ادارو خواندگي ۽ غيررسمي تعليم
ادارو نصاب، جائزو ۽ تحقيق
اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگيءَ وارو کاتو
حڪومت سنڌ

هن ڪتاب جا سبق حق ۽ واسطا
ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، حڪومت سنڌ وٽ محفوظ آهن.

هن ڪتاب جو تدريسي مواد غير رسمي مرڪزن جي شاگردن جي تعليمي ضرورتن کي مدنظر رکندي حڪومت سنڌ پاران منظور ڪيل نصاب موجب ترتيب ڏنو ويو آهي. انهي سلسلي ۾ ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، حڪومت سنڌ هن ڪتاب جي بهتري جي لاءِ توهان جي ڪارائتي راءِ جي آجيان ڪندي.

| ليکڪ | سنڌيڪار | نصاب ۽ ڪتاب جي صوبائي جائزو ڪاميٽي |
|---|---|---|
| 1. پونجراج ڪيسراڻي<br>2. نياز احمد راڄپر | 1. نبي بخش ميمڻ | 1. نبي بخش ميمڻ<br>2. مظهر حسين گبول<br>3. نريش ڪمار شيواڻي |

**نگران اعليٰ:** ڊاڪٽر فوزيہ خان، چيف ايڊوائزر، ڪريڪيولم ونگ، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ

**نگران:** عبدالجبار مري، ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ
نور احمد ڪوسو، ڊائريڪٽر، ادارو نصاب،جائزو ۽ تحقيق اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ

**نگران اشاعت:** عابد حسين گِل، ڊپٽي چيف ايڊوائزر (JICA AQAL Project)
آصف ابرار، ايجوڪيشن اسپيشلسٽ (UNICEF Sindh, Karachi)

**ٽيڪنيڪي امور:** محمد يونس، ڪريڪيولم اسپيشلسٽ (JICA, AQAL Project)

**انتظامي امور:** وسيم احمد صديقي، ڊپٽي ڊائريڪٽر، عمران علي سومرو، ڪمپيوٽر پروگرامر، ادارو خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ.
پريم ساگر، صوبائي ڪوآرڊينيٽر سنڌ، (JICA AQAL, Karachi)
فائقا لاکو، ٽريننگ آفيسر سنڌ، (JICA AQAL Project)
ريحانہ بتول، ايجوڪيشن آفيسر، (UNICEF Sindh, Karachi)

**آزمائش ڇاپو:** سال 2025

**ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ:** فرحان جاويد، اڪمل شهزاد، JICA AQAL Project ۽ زاهد علي ابڙو، DCAR

**ٽيڪنيڪي ۽ مالي سهڪار:** JICA AQAL Project ۽ UNICEF Sindh, Karachi

# پيغام

قومن جي ترقيءَ جو دارومدار ماڻهن جي شعوري معلومات تي ٻڌل هوندو آهي ۽ انهي ڪري هر شخص لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ لازمي آهي. اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئينِ جي شِق 25-A ۽ 37-B کان علاوه انساني حقن جي عالمي چارٽر جو پڻ مطالبو آهي تہ ملڪ جو هر شخص تعليم جي زيور سان سينگاريل هجي.

پاڪستان ۾ خاص طور تي سنڌ صوبي جي آباديءَ جو هڪ وڏو حصو علم جي روشني کان محروم آهي. هن وقت سنڌ ۾ خواندگي جي شرح 62 سيڪڙو کان بہ گهٽ آهي. سنڌ حڪومت جي ڪوشش آهي تہ هن شرح کي 2030ع تائين 85 سيڪڙو تائين پهچايو وڃي.

سنڌ صوبي ۾ تعليم کاتي، يونيسيف UNICEF، جائيڪا JICA، ڊائريڪٽوريٽ نصاب، جائزو ۽ تحقيق، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ ۽ مختلف ماهرن جي تعاون سان غير رسمي تعليم جي ڏِس ۾ مختلف مضمونن جا نصاب ترتيب ڏنا آهن. پهرئين مرحلي ۾ ابتدائي درجن جا نصاب مرتب ڪيا ويا. 2022ع ۾ ايليمينٽري درجن جا نصاب ترتيب ڏنا ويا. انهي نصاب جي تحت ايليمينٽري درجن جي سيني مضمونن جا درسي ڪتاب ۽ استادن جي لاءِ رهبر تيار ڪيا ويا آهن. جنهن جي مدد سان صوبي سنڌ جا شاگرد 18 مهينن ۾ ايليمينٽري تعليم مڪمل ڪري سگهندا. انهن درجن کي پيڪيج ڊي ۽ اِي جا نالا ڏنا ويا آهن تہ جيئن اهي ٻار جيڪي ڪنهن بہ سبب جي ڪري اسڪولن ۾ رسمي تعليم جاري نہ رکي سگهيا ۽ انهن جي عمر وڏي وئي آهي تہ اُهي، هن تيز رفتار تعليم يعني 18 مهينن تي مشتمل ڪورس جي ذريعي تعليم مڪمل ڪري ايليمينٽري جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري سگهن.
سمورن استادن ۽ فيلڊ جي عملي کي گذارش ٿي ڪجي تہ اهي پنهنجا فرض خوش اسلوبيءَ سان انجام ڏين ۽ پڙهائي جي دوران پيش ايندڙ مسئلن سان اسان کي آگاهہ ڪن تہ جيئن انهي عمل ۾ بهتري آندي وڃي.

وڏي اميد آهي تہ نئين نصاب جي مطابق جوڙيل هي مواد غير رسمي تعليم جي ضرورتن جو بهتر انداز ۾ پورائو ڪندو.

**زاهد علي عباسي**

**سيڪريٽري**

**تعليم ۽ خواندگي جو کاتو،**

**حڪومت سنڌ**

# پيش لفظ

ارڙهين آئيني ترميم کان پوءِ تعليم ۾ نصاب سازي جون ذميواريون صوبن جي حوالي ڪيون ويون آهن. انهي ڏس ۾ ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ 2015 ۾ جاپان انٽرنيشنل ڪوآپريشن ايجنسي JICA، يونيسيف UNICEF ۽ ڊائريڪٽوريٽ نصاب، جائزو ۽ تحقيق، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتي جي تعاون سان غير رسمي تعليم جي حوالي سان ابتدائي درجن جي لاءِ مختلف مضمونن جا نصاب تيار ڪيا، جنهن کي پيڪيج اي، بي، سي جا نالا ڏنا ويا. انهي نصاب تحت درسي ڪتاب ۽ استادن جا رهبر پڻ تيار ڪيا ويا. مٿي ڄاڻايل نصاب ۽ ڪتابن جي تياري ۾ تعليمي ماهرن ۽ استادن تي مشتمل ڪاميٽيون جوڙيون ويون جن هِن ڪم ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ مواد کي دلچسپ، موثر ۽ لاڀائتو بنائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي.

ابتدائي درجن تي عمل درآمد ڪرڻ دوران انهي ڳالهہ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي تہ ايليمينٽري درجن جو نصاب پڻ تيار ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ ريت ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي تعليم، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي  کاتو، حڪومت سنڌ 2015ع ۾ جاپان انٽرنيشنل ڪوآپريشن ايجنسي JICA، يونيسيف UNICEF ۽ ڊائريڪٽوريٽ نصاب، جائزو ۽ تحقيق، اسڪولي تعليم ۽ خواندگي کاتي جي تعاون سان ايليمينٽري درجن جي مختلف مضمونن جي نصاب، درسي ڪتاب ۽ استادن جي رهبر کي تيار ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. ڪلاس ڇهين ۽ ستين جي جڳهہ تي پيڪيج ڊي رائج ڪيو ويو ۽ انين ڪلاس جي لاءِ پيڪيج اِي جوڙيو ويو.

سنڌي پيڪيج اِي جي درسي ڪتاب جي سبقن جي تياري ۾ نصاب ۾ ڏنل مهارتن، معيارن، سکيا جي حد، حاصلات تعليم، موضوع ۽ عنوانن سان گڏ تعليم جي بنيادي اصولن کي ذهن ۾ رکيو ويو آهي جهڙوڪ: آسان کان مشڪل، سادن کان پيچيده ۽ ظاهر کان ڳُجها تصور ۽ خيال شامل ڪيا ويا آهن. سبقن جي مشقن ۾ ٻولي جي سڃاڻپ تي خاص توجهہ ڏنو ويو آهي ۽ تعليمي حاصلات جو جائزو وٺڻ لاءِ مختلف نوعيت جا سوال پڻ شامل ڪيا ويا آهن.

’استادن جي رهبر‘ ۾ هر سبق جي سبقي خاڪي موجب موثر تدريسي طريقن ۽ سکيا ۾ مددگار ڳُرن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. سکيا جي سرگرمين ۾ تعليمي حاصلات جي لاءِ ذهني آمادگيءَ جي فن، سبق جي پيش ڪش سان گڏوگڏ عبارتن ۽ گرامر جو پڻ خاص خيال رکيو ويو آهي.
اميد ٿا ڪيون تہ توهان انهي ’درسي ڪتاب‘ ۽ ’استادن جي رهبر‘ کي تعميري، تنقيدي نقطہ نظر سان ڏسندا ۽ انهي کي بهتر بنائڻ لاءِ پنهنجي قيمتي راين سان نوازيندا.

خيرخواهہ

عبدالجبار مري،
ڊائريڪٽر
ادارو خواندگي ۽ غير رسمي تعليم
حڪومت سنڌ

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| | | **باب پهريون: مذهبن جو تعارف** | |
| **1** | سبق پهريون | معاشرتي ڀلائي ۾ مذهبن جو ڪردار | 1 |
| **2** | سبق ٻيو | ڪردار سازي ۾ مذهبن جو اثر | 4 |
| **3** | سبق ٽيون | مسيحيت جو تعارف (تعارف ۽ مکيہ تصور) | 6 |
| **4** | سبق چوٿون | مسيحيت جا مقدس ڪتاب ۽ تعليمات | 8 |
| | | **باب ٻيو: معاشرتي ۽ اخلاقي قدر** | |
| **5** | سبق پهريون | حُب الوطني | 10 |
| **6** | سبق ٻيو | هڪ شهري جا فرض ۽ ذميداريون | 12 |
| **7** | سبق ٽيون | آئين، قانون ۽ بنيادي حقن جو احترام | 14 |
| **8** | سبق چوٿون | معاشرتي زندگي ۾ وقت ۽ اُن جي پابندي جي اهميت | 17 |
| | | **باب ٽيون: سماجي آداب** | |
| **9** | سبق پهريون | ملڻ جُلڻ جا آداب | 19 |
| **10** | سبق ٻيو | بزرگن/ وڏن جو احترام ۽ بيمارن جي عيادت ڪرڻ | 21 |
| | | **باب چوٿون: شخصيتون** | |
| **11** | سبق پهريون | ميران بائي | 24 |
| **12** | سبق ٻيو | مقدس اگسٽين | 26 |
| **13** | سبق ٽيون | اِبنِ مِسڪويہ | 28 |
| **14** | سبق چوٿون | ابراهام لنڪن | 30 |
| | | **باب پنجون: مذهبي ڏڻ** | |
| **15** | سبق پهريون | ڏِياري | 32 |
| **16** | سبق ٻيو | جنم اشٽمي | 34 |
| **17** | سبق ٽيون | ويساکي | 36 |

## باب پهريون: مذهبن جو تعارف

سبق پهريون

# معاشرتي ڀلائيءَ ۾ مذهبن جو ڪردار

### سکيا جي حاصلات:

هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگرداڻيون ان قابل ٿي سگهندا ته هو:

- ❖ معاشرتي ڀلائي کي بيان ڪري سگهندا.
- ❖ دنيا ۾ مختلف قسم جي مذهبن هئڻ جي باوجود انهن ۾ اتحاد واري جذبي کي ڳولي سگهندا.
- ❖ سماجي ڀلائيءَ جي لاءِ مذهبن جي ڪردار جو جائزو پيش ڪري ۽ عوامي ڀلائيءَ لاءِ ٿيندڙ سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهندا.
- ❖ سمجهي سگهندا ته معاشري جي خصوصي فردن (معذور فردن)، کي همت، حوصلا افزائي ۽ ترغيب ڏيڻ جي ضرورت هوندي آهي.

### بنيادي تصور:

- معاشري ۾ ضرورتمند ماڻهن جي ڪم اچڻ، خاص طرح خصوصي فردن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ ۽ خاص مذهبن جي طرفان ان سلسلي ۾ رهنمائي.

### امدادي شيون:

1. ڪجهه نوجوانن طرفان پاڙي جي صفائي ڪرڻ دوران ورتل تصوير (تصويرون)
2. خصوصي فردن کي ويل چيئر ڏيڻ دوران ورتل تصوير (تصويرون)
3. بورڊ ۽ مارڪر

### سبق پڙهائڻ جا طريقا:

1. سبق پڙهائڻ کان پهرين استاد شاگردن کي تصوير ڏيکاري ٿو ۽ پوءِ ان مان سوال ڪري ٿو.
2. تصوير ۾ ڪير وينا آهن؟
3. ان تصوير ۾ ڪير ڇا ڪري رهيو آهي؟
4. توهان کي پنهنجي آسپاس موجود خصوصي ماڻهن سان سُلوڪ ڪيئن رکڻ گهرجي؟
5. توهان کي معاشري ۾ ٻين سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ گهرجي؟

پيارا ٻارو! اسان اڄ سبق ’معاشري جي ڀلائي‘ ۾ مذهبن جو ڪردار بابت پڙهنداسين،هن سبق ۾ اسان پنهنجي ڳوٺ يا محلي ۾ موجود خصوصي ماڻهن سان رلي ملي رهڻ، خاص طرح انهن سان سفر دوران سٺي سلوڪ ڪرڻ جي باري ۾ پڙهنداسين. هاڻي ڪتاب جو صفحو نمبر ___ کوليو.

**پهريون قدم: مثالي پڙهڻي**

استاد سبق کي ڪهاڻي جي صورت ۾ پڙهي ٿو ۽ شاگردن کي توجهه سان ٻڌڻ جي هدايت ڪري ٿو. استاد پڙهڻ وقت آواز مناسب بلند رکي ٿو. شاگردن کي ان جو تصور چٽو ڪرڻ لاءِ ڪنهن خاص ڳالهه کي ٻيهر ورجائي ٿو.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد شاگردن کي خاموشي سان سبق پڙهڻ لاءِ چوي ٿو ۽ نون لفظن کي هيٺان پينسل سان ليڪ ڏيڻ جي هدايت ڏئي ٿو.

**ٽيون قدم: انفرادي پڙهڻي**

استاد، ڪجهه شاگردن کي بلند آواز سان پيراگراف پڙهڻ لاءِ چوي ٿو.

**چوٿون قدم: جائزو**

استاد سوال ڪري شاگردن/ شاگردياڻين طرفان ڏنل جوابن مان جائزو وٺي ٿو تہ هو ڪيتري حد تائين سبق کي سمجهي سگهيا آهن ۽ صحيح ڏنل جوابن جي حوصلاافزائي ڪري ٿو ۽ غلطين جي نشاندهي ڪري انهن جي دُرستگيءَ لاءِ همٿائي ٿو.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01: استاد مشقي سوالن جا جواب بورڊ تي لکي، شاگردن کي لکڻ جي هدايت ڪري ٿو.

سرگرمي 02: استاد، شاگردن/ شاگردياڻين کي صحيح جوابن سان خال پرائڻ واري مشق ڪرائي ان جي تعريف ڪري ٿو.

سرگرمي 03: استاد، شاگردن کي ڪالم ملائي جملي ناهڻ ۾ همٿائي ٿو.

سرگرمي 04: استاد سرگرمي (راند روند) ۾ ڪجهه مثال ڏئي شاگردن کي سمجهائي ٿو.

سبق ٻيو

# ڪردار سازي ۾ مذهبن جو اثر

### سکيا جي حاصلات:

هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگردياڻيون ان قابل ٿي سگهندا تہ هو:

- ❖ ڪردار سازي جو مفهوم بيان ڪري سگهندا. اهي ٻڌائي سگهندا تہ مذهب ڪردار سازي ۾ ڇا ڪري سگهن ٿا.
- ❖ هر مذهب ۾ سٺن روين تي بحث ڪري سگهندا ۽ مثال سمجهائي سگهندا تہ ڪهڙن طريقن سان ٻين مذهبن سان گڏيل احترام جو جذبو اُجاگر ڪري سگهندا.

### بنيادي تصور:

- سماجي زندگيءَ ۾ ڪردار سازي جي اهميت ٻڌائڻ
- ڪردار سازي جو مفهوم سمجهائڻ
- خاص مذهبن جي عام ۽ سٺن سلوڪن ڪي ڄاڻڻ

### امدادي شيون:

1. استاد جو سٺن اخلاقن جي باري ۾ ليڪچر ڏيڻ واري تصوير
2. اڇو بورڊ ۽ مارڪر
3. سبق پڙهائڻ کان پهرئين ان جي عنوان جو تصور ڏيڻ. شاگردن/ شاگردياڻين سان گفتگو ڪري پڙهائيءَ لاءِ ماحول سازگار بنائڻ لاءِ استاد ٻارن کان سوال ڪري ٿو.

### سبق پڙهائڻ جا طريقا:

سبق پڙهائڻ کان پهرين انجي عنوان جو تصور ڏيڻ. شاگردن/ شاگردياڻين سان گفتگو ڪري پڙهائيءَ لاءِ ماحول سازگار بنائڻ لاءِ استاد ٻارن کان سوال ڪري ٿو.

1. اسان کي پنهنجي چؤ طرف / چوڌاري ڪهڙي ڪردار جا ماڻهو پسند آهن ؟
2. سٺي ڪردار جي ماڻهوءَ سان سيئي پيار چو ڪندا آهن ؟
3. ڪهڙيون ڳالهيون ڪردار ۾ بهتري آڻن ٿيون ؟
4. ڪردار سازي بابت مذهب اسان کي ڪهڙي هدايت ڏين ٿا؟

پيارا ٻارو! اسان اڄ سبق ’ڪردار سازي ۾ مذهبن جو اثر‘ پڙهنداسين، جنهن ۾ اسان اخلاق

۽ ڪردار کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪارآمد ڳالهيون پڙهنداسين.

**پهريون قدم: مثالي پڙهڻي**

استاد سبق کي ڪهاڻي جي انداز ۾ بلند آواز سان پڙهي ٿو ۽ ٻارن کي ڌيان سان ٻڌڻ جي هدايت ڪري ٿو. پڙهائيءَ جي دوران تصوير جي مدد سان سبق جي خاص نڪتن جي تصور کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد شاگردن کي خاموشي سان سبق پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي هدايت چوي ٿو ۽ هدايت ڏي ٿو. نون لفظن جي چونڊ ڪري هيٺيان ليڪ ڏيو.

**ٽيون قدم: انفرادي پڙهڻي**

استاد ڪجهه شاگردن کي بلند آواز سان پيرگراف پڙهڻ لاءِ چوي ٿو.

**چوٿون قدم: جائزو**

استاد سوال ڪري شاگردن/ شاگردياڻين طرفان ڏنل جوابن مان جائزو وٺي ٿو ته هو ڪيتري حد تائين سبق کي سمجهي سگهيا آهن ۽ صحيح ڏنل جوابن جي حوصلاافزائي ڪري ٿو ۽ غلطين جي نشاندهي ڪري انهن جي دُرستگيءَ لاءِ هدايت ڏئي ٿو.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01: استاد شاگردن کي مشقي سوال بورڊ تي لکڻ لاءِ چوي ٿو.

سرگرمي 02: استاد، شاگردن/ شاگردياڻين کي صحيح لفظن سان خال پرائي ان جي تصديق ڪرائي ٿو.

سرگرمي 03: استاد، شاگرد/ شاگردياڻين کي لفظ ’صحيح‘ ۽ ’غلط‘ لڳائي جملا مڪمل ڪرائڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

سرگرمي 04: استاد سرگرمي (راند روند) ڏنل پنج ’اخلاقي قدرن‘ جي باري ۾ شاگردن/ شاگردياڻين کي سمجهاڻي ڏئي ٿو ۽ رهنمائي ڪري ٿو.

**سبق ٽيون:**

# مسيحيت جو تعارف

## (تعارف ۽ تصور)

**سکيا جي حاصلات:**

هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگردياڻيون ان قابل ٿي سگهن ٿا ته هو:

| |
|---|
| ❖ لفظ مسيحيت جي وضاحت ڪري سگهندا. |
| ❖ مسيحيت جي بنياد ۽ ترقي بابت ٻڌائي سگهندا. |
| ❖ مسيحيت جي خاص علامتن ۽ تصورات کي ڄاڻي سگهندا. |

**بنيادي تصور:**

1. دنيا جي مکيه مذهبن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
2. دنيا جي سڀ کان وڏي مذهب مسيحيت جي باري ۾ ڄاڻڻ
3. مسيحيت جي اهم تصورات کي سمجهڻ

**امدادي شيون:**

1. صليب ۽ يسوع مسيح جي تصوير (تصوير ڏيکارڻ)
2. گرجا گهر جي تصوير (تصويرون)
3. اڇو/ سفيد بورڊ ۽ مارڪر

**سبق پڙهائڻ جو طريقو:**

استاد شاگردن/ شاگردياڻين کي موضوع تي آڻڻ لاءِ تصويرون ڏيکاري انهن کان هيٺيان سوال پڇندو.

سوال 01: ڇا توهان کي خبر آهي ته دنيا جا مکيه مذهب ڪهڙا آهن ؟

سوال 02: هيءَ تصوير ڪهڙي مذهب کي اجاگر ڪري ٿي؟ (استاد صليب جي تصوير ڏيکاري ٿو)

استاد شاگردن طرفان ڏنل صحيح جوابن جي تعريف ڪندي انهن جي همت افزائي ڪري ٿو.

ٻارن جي ذهني آمادگيءَ بعد عنوان جي باري ۾ ٻڌائي چوي ٿو:

پيارا ٻارو! اڄ اسان مسيحيت جي بابت سبق پڙهنداسين. پنهنجي ڪتاب جو صفحو نمبر ______ کوليو.

**پهريون قدم: مثالي پڙهڻي**

استاد، بلند آواز ۾ سبق پڙهي ٿو. شاگردن/ شاگردياڻين کي توجهه سان ٻڌڻ جي تلقين ڪري ٿو ۽ تصويرون ڏيکاري لفظن ۽ جملن جي مفهوم کي ياد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد شاگردن کي خاموشيءَ سان سبق پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ چوي ٿو ته جيئن لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم ٻڌائي سگهندا.

**ٽيون قدم: انفرادي پڙهڻي**

استاد ڪجهه شاگردن کان سبق جي مختلف جڳهين مان مختلف حصا بلند آواز ۾ پڙهڻ لاءِ چوي ٿو.

**چوٿون قدم: جائزو**

شاگردن سبق جو مفهوم ڪيترو سمجهيو آهي اهو ڏسڻ لاءِ استاد انهن کان ڪجهه سوال ڪري اندازو لڳائي ٿو ته پاڻ سبق پڙهائڻ ۾ ڪيترو ڪامياب ٿيو آهي. صحيح جوابن جي حوصلا افزائي ڪري غلطين جي نشاندهي ڪري انهن کي صحيح ڪرڻ لاءِ چوي ٿو.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01: استاد، مشقي سوال بورڊ تي لکي ۽ شاگردن کي لکڻ لاءِ چوي ٿو.
سرگرمي 02: صحيح جوابن سان خال پرائڻ واري مشق لکرائي انهن جي تصديق ڪرائي ٿو.
سرگرمي 03: استاد، شاگردن جي ڪالم ملائي جملا ناهڻ ۾ رهنمائي ڪري ٿو.
سرگرمي 04: سرگرمي (راند روند) جي مواد کي حل ڪرڻ جي باري ۾ شاگردن / شاگردياڻين کي سمجهاڻي ڏيئي، رهنمائي ڪري ٿو.

سبق چوٿون

# مسيحيت جا مقدس ڪتاب ۽ تعليمات

## سکيا جي حاصلات :

هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگردياڻيون ان قابل ٿي سگهندا ته هو:

- ❖ مسيحيت جي مختلف ڪتابن جي باري ۾ ڄاڻي سگهندا.
- ❖ مسيحيت جي مختلف ڪتابن جي تعليمات کان واقف ٿي مذهبي هم آهنگي ۾ انهن جي ڪردار کي مثالن سان بيان ڪري سگهندا.

## بنيادي تصور:

1. مقدس ڪتابن جي متعلق ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ انهن کي سمجهڻ مسيحيت جي ڪتابن جي تعارف بابت ڄاڻ.

## امدادي شيون:

1. مقدس ڪتاب بائيبل جي تصوير (تصويرون)
2. انجيل ۽ حضرت يسوع مسيح جون تصوير ( تصويرون)
3. اڇو بورڊ ۽ مارڪر.

## سبق پڙهائڻ جو طريقو:

استاد، مسيحيت جي مختلف ڪتابن واري سبق پڙهڻ کان پهرئين ان جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي. ان لاءِ مسيحيت جي مذهبي ڪتابن ۽ انٽرنيٽ کان مدد وٺي سگهجي ٿي. سبق پڙهڻ کان پهرئين شاگرد/ شاگردياڻين جي آمادگي ڪريو ۽ انهن کان مسيحيت جي باري ۾ سوال ڪريو .

سوال 01: ڇا توهان ڄاڻو ٿا ته مسيحيت جا ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب آهن ؟

سوال 02: ڇا توهان مان ڪنهن مسيحيت جي ڪتابن جو مطالعو ڪيو آهي ؟

سوال 03: ڇا توهان مان ڪنهن مسيحيت جو ڪتاب ڏٺو آهي ؟

سوال 04: ٻارن طرفان ڏنل جوابن کي نظر ۾ رکندي ۽ انهن جي تعريف ۽ همت افزائي ڪريو ۽ انهن کي ٻڌايو ته پيارا ٻارو! اڄ اسان انهن ڪتابن جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻي سگهنداسين. اڄ اسان جي سبق جو عنوان آهي ”مسيحيت جا مقدس ڪتاب ۽ تعليمات“ پنهنجي ڪتاب جو صفحو نمبر______ کوليو.

**پھريون قدم: مثالي پڙهڻي**

استاد، شاگرد / شاگردياڻين جي سامهون مؤثر طريقي سان سبق کي بلند آواز ۾ پڙهي ٿو ۽ شاگردن کي غور سان ٻڌڻ جي هدايت ڪري ٿو. پڙهائيءَ جي دؤران انهن کي تصويرون ڏيکاري ٿو ۽ لفظن ۽ جملن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي ياد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد شاگردن کي خاموشيءَ سان سبق پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ چوي ٿو. نون لفظن کي چونڊي انهن جي هيٺيان ليڪ ڏيڻ لاءِ چوي ٿو جيئن هُو نون لفظن جي معنيٰ پڇي سگهن.

**ٽيون قدم: انفرادي پڙهڻي**

استاد ڪجهه شاگردن کان سبق جا مختلف حصا بلند آواز ۾ پڙهڻ لاءِ چوي ٿو.

**چوٿون قدم: جائزو**

استاد ڪجهه سوال ڪري اهو جائزو وٺي اندازو لڳائي ٿو ته شاگردن/ شاگردياڻين کي سبق بابت ڪيتري ڄاڻ حاصل ڪئي آهي ۽ تدريس ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ٿيو آهي ۽ صحيح جواب ملڻ تي شاگردن/ شاگردياڻين جي تعريف ڪري ٿو ۽ غلطين جي اصلاح ڪري ٿو.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01: استاد، مشقي سوال بورڊ تي لکي ۽ شاگردن کي لکڻ لاءِ چوي ٿو.

سرگرمي 02: صحيح جوابن سان خال پرائڻ واري مشق لکرائي انهن جي تصديق ڪرائي ٿو.

سرگرمي 03: استاد، شاگردن/ شاگردياڻين ’صحيح‘ يا ’غلط‘ جملن جي نشاندهي ڪرڻ واري مشق مڪمل ڪرائڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

سرگرمي 04: سرگرمي (راند روند) ۾ مقدس ڪتابن جا تعارفي ڪارڊ ناهي شاگردن/ شاگردياڻين کي ڄاڻ ڏئي ٿو ۽ انهن جي رهنمائي ڪري ٿو.

سبق پهريون

# حُبُ الوطني

## سکيا جي حاصلات :

هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگردياڻيون ان قابل ٿي سگهندا تہ هو:

❖ حب الوطني جو مفهوم بيان ڪري سگهندا. پنهنجي مُلڪ ۽ قوم سان وفاداري کي بيان ڪري سگهندا.
❖ مثالن ذريعي واضح ڪري سگهندا تہ ملڪ سان وفاداري جو مظاهرو ڪهڙي طريقي سان ڪري سگهجي ٿو.

## بنيادي تصور:

- وطن سان محبت ڪرڻ
- وطن سان وفادار رهڻ
- وطن سان محبت ۽ وفاداريءَ جي طريقن جي ڄاڻ رکڻ

## امدادي شيون:

- پاڪستان جي قومي جهنڊي جي تصوير (تصويرون)
- خوبصورت نظارن واري پاڪستاني نقشي جي تصوير (تصويرون)
- اڇو بورڊ ۽ مارڪر

## سبق پڙهائڻ جو طريقو:

بنيادي سوالن کي پڙهڻ کان پهرئين ڳالهہ ٻولهہ .

استاد، شاگردن کي پاڪستان جو نقشو ۽ تصويرون ڏيکاري ۽ انهن کان اڳئين معلومات مان سوال ڪري ٿو.

1. هي نقشو ڪهڙي مُلڪ جو آهي ؟
2. هيءُ جهنڊو ۽ تصويرون ڪهڙي ملڪ سان تعلق رکن ٿيون ؟
3. اسان کي پنهنجي وطن لاءِ ڪهڙو جذبو رکڻ گهرجي ؟

پيارا ٻارو! اڄ اسان جي سبق جو عنوان آهي ’حُب الوطني‘ توهان پنهنجي ڪتاب جو صفحو نمبر ____ کوليو.

**پهريون قدم: مثالي پڙهڻي**

استاد، شاگرد / شاگردياڻين کي سبق پڙهائي شاگردن کي غور سان ٻڌڻ لاءِ چوي ٿو. سبق پڙهڻ وقت پنهنجو آواز بلند رکي ٿو ۽ سمجهاڻي کي آسان رکي ٿو. جيڪڏهن ڪا خاص ڳالهه اچي ٿي ته ان کي بيهر ورجائي ٿو ته جيئن شاگردن کي ان جو تصور صحيح نموني چٽو ڪرائي ته انهن کي ياد ٿئي.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد شاگردن/ شاگردياڻين کي خاموشيءَ سان سبق پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ چوي ٿو. نون لفظن هينان ليڪ لڳائڻ لاءِ چوي ٿو.

**ٽيون قدم: انفرادي پڙهڻي**

استاد ڪلاس ۾ موجود شاگردن کي جدا جدا وڏي آواز سان سبق پڙهڻ لاءِ چوي ٿو.

**چوٿون قدم: جائزو**

استاد ڪجهه سوال ڪري اهو جائزو وٺي اندازو لڳائي ٿو ته پڙهڻ کان پوءِ شاگردن کي ڪيتري ڄاڻ ملي آهي.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01: استاد، مشقي سوالن جا جواب بورڊ تي لکي ۽ شاگردن کي پڻ لکڻ لاءِ چوي ٿو.

سرگرمي 02: خال پرڻ واري مشق ۾ شاگردن جي مدد ڪري ٿو.

1. جزو
2. سهولت
3. ترجيح
4. پشيمان
5. خير خواهه

سرگرمي 03: استاد، 'صحيح' يا 'غلط' واري مشق حل ڪرائڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

(i) ✗ (ii) ✓ (iii) ✗ (4) ✓

سرگرمي 04: ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

سرگرمي 05: ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

سبق ٻيو

# هڪ شهريءَ جا فرض ۽ ذميواريون

**سکيا جي حاصلات:**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگرديائيون ان قابل ٿي سگهندا تہ هو:

- ❖ بنيادي تصور 'فرض' ۽ 'ذميواري' جو مطلب سمجهائي سگهندا. هڪ شهري هئڻ جي حيثيت ۾ پنهنجي فرضن ۽ ذميوارين کي ڄاڻي سگهندا. هڪ شهري هئڻ جي حيثيت ۾ پنهنجي مٿان عائد فرضن ۽ ذميوارين جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهندا.
- ❖ هڪ شهري جي فرضن ۽ ذميوارين جو مثالن ذريعي عملي مظاهرو ڪري سگهندا.

**بنيادي تصور:**

هڪ شهري جي حيثيت سان پنهنجا فرض ۽ ذميواريون جو احساس ڪرڻ ۽ انهن جي اهميت کي سڃاڻڻ.

عملي زندگيءَ ۾ ان تي عمل ڪري مُلڪ جي ترقي ۾ همت افزائي ڪري سگهن.

1. ٻن گهرن جون اندروني تصويرون جنهن مان هڪ ۾ بنا آواز (No Sound) ٽي وي ۽ ٻئي ۾ ٻار پڙهندي ڏيکاريا ويا هجن.
2. اڇو بورڊ، مارڪر، اڇو پنو.

**پڙهائڻ جو طرقو:**

سبق پڙهڻ کان پهرئين سازگار ماحول پيدا ڪرڻ ماحول کي سازگار ڪرڻ لاءِ شاگردن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري ڪجهہ سوال ڪري ٿو.

سوال نمبر1: هن تصوير ۾ توهان ڇا ڏسي رهيا آهيو؟

سوال نمبر2: پنهنجي گهر ۾ ٽي وي ڏسڻ بهتر عمل آهي؟

سوال نمبر3: ٽي وي (T.V) ڏسڻ اسان جو حق آهي پر اسان جو ذميواريون ڪهڙيون آهن؟

**سبق جي نالي جو اعلان:**

پيارا ٻارو! اڄوڪي سبق جو عنوان آهي: 'هڪ شهريءَ جا فرض ۽ ذميواريون'

اڄ اسان سبق ۾ شامل ڳالهين تي عمل ڪرڻ جي بابت وڌيڪ پڙهنداسين ۽ سکنداسين. پنهنجي ڪتاب جو صفحو نمبر _____ کوليو.

**پھريون قدم: مثالي پڙهڻي**

استاد، مناسب آواز سان مثالي پڙهڻي ڪندي شاگردن کي توجهه سان ٻڌڻ جي هدايت ڪري ٿو ۽ سبق جي دوران شاگردن کي تصويرون ڏيکاري ٿو.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد شاگردن کي خاموشيءَ سان سبق پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ چوي ٿو ۽ نون لفظن جي هيٺان ليڪ ڏيڻ لاءِ چوي ٿو.

**ٽيون قدم: انفرادي پڙهڻي**

استاد شاگردن/ شاگردياڻين کي سبق جا مختلف پيراگراف بلند آواز سان پڙهڻ لاءِ چوي ٿو.

**چوٿون قدم: جائزو**

استاد ڪجهه سوال ڪري اهو جائزو وٺي اندازو لڳائي ٿو ته شاگردن/ شاگردياڻين کي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگردن کي ڪيتري ڄاڻ ملي آهي.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01: استاد، مشقي سوال بورڊ تي لکي ۽ شاگردن کي لکڻ لاءِ چوي ٿو.

سرگرمي 02: استاد شاگردن کي خال پرڻ واري مشق حل ڪرائڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

1. هلڪو
2. جائداد
3. هڪجهڙا
4. سُک، سهنج ۽ آرام
5. ايمانداري ۽ جوابداري

سرگرمي 03: استاد، ’صحيح‘ يا ’غلط‘ واري مشق حل ڪرائڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

(i) ✓ (ii) ✗ (iii) ✗ (4) ✗

سرگرمي 04: ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

سرگرمي 05: ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

## سبق ٽيون

# آئين، قانون ۽ بنيادي حقن جو احترام

**سکيا جي حاصلات :**

هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگردياڻيون ان قابل ٿي سگهندا ته هو:

- ❖ 'قانون' جي تعريف بيان ڪري سگهندا. آئين ۾ قانون جو فرق بيان ڪري سگهندا.
- ❖ آئين جي تعريف بيان ڪري سگهندا. آئين جا مختلف نالا بيان ڪري سگهندا. سن 1973ع جو آئين، قانون جو پاسدار احترام ۽ بنيادي حقن جي ضمانت ڏئي ٿو ۽ اهو سمجهائي سگهندا ته قانون ۾ آئين جي پاسداري ۽ احترام سيني تي فرض آهي.
- ❖ اهو واضح ڪري سگهندا ته قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ جا ڪهڙا نقصان آهن، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهندا ۽ اهڙن مثالن جو عملي مظاهرو ڪري سگهندا ۽ اهڙن مثالن جو عملي مظاهرو ڪري سگهندا جن جي وسيلي شهرين جي بنيادي حقن جي ضمانت ڏني وئي آهي.

**بنيادي تصور:**

- قانون جو مفهوم ۽ ان جي اهيمت ڪي ڄاڻ
- قانون تي عمل ڪرڻ جي اهميت ۽ فائدن سان گڏو گڏ ان جي خلاف ورزي ڪرڻ جي نقصان جي ڄاڻ ونڻ.
- 1973ع جي آئين کي سمجهڻ ۽ ان ۾ بيان ڪيل انساني حقن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.

**امدادي شيون:**

- قانون جي ڪتابن ۾ 1973ع واري آئين جي تصوير (تصويرون)
- اڇو بورڊ، مارڪر ۽ آئين جو مسودو.

**سبق پڙهائڻ جو طريقو:**

سبق پڙهڻ ۽ عنوان ٻڌائڻ کان اڳ ۾ استاد، شاگردن سان ڳالهه ٻولهه ڪري، ماحول کي سازگار ڪرڻ لاءِ ڪجهه سوال ڪري ٿو.

- ڪنهن به مُلڪ يا اداري کي هلائڻ لاءِ ڇا ضروري آهي؟
- آئين ۾ ڪهڙين ڳالهين جو ذڪر ٿيل آهي؟

پيارا ٻارو! اسان اڄ آئين، قانون ۽ بنيادي حقن جي احترام بابت پڙهنداسين. هن سبق ۾

اسان ملڪ جي قانون، 1973ع واري ۾ بيان ٿيل بنيادي انساني حقن جي باري ۾ وڌيڪ پڙهنداسين. توهان پنهنجي ڪتاب جو صفحو نمبر _____ ڪوليو.

**پهريون قدم: مثالي پڙهڻي**

استاد، سبق جو مواد بلند آواز پڙهي ۾ شاگردن کي غور سان ٻڌڻ جي هدايت ڪري ٿو. پڙهائيءَ جي دوران سبق جي خاص نُڪتن جي تصور کي اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد شاگردن کي خاموشيءَ سان سبق پڙهڻ جي تاڪيد ڪري ٿو ۽ نون لفظن جي هيٺيان ليڪ ڏيڻ لاءِ چوي ٿو.

**ٽيون قدم: انفرادي پڙهڻي**

استاد ڪجهه شاگردن کان سبق جا مختلف پيراگراف وڏي آواز سان پڙهڻ لاءِ چوي ٿو.

**چوٿون قدم: جائزو**

سکيا جي حاصلات جو جائزو وٺن لاءِ استاد، ڪجهه سوال ڪري ۽ انهن جي جوابن مان شاگردن جي ورتل ڄاڻ جو اندازو لڳائي ٿو.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01: استاد، مشقي سوال بورڊ تي لکي ۽ شاگردن کي لکڻ لاءِ چوي ٿو.

سرگرمي 02: استاد شاگردن کي خال ڀرائڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

1. بچاءَ جي ضمانت
2. سپريم ڪورٽ
3. 14 آگسٽ 1973ع
4. سست
5. ووٽ

**سرگرمي** 03: **استاد، ’صحيح‘ يا ’غلط‘ واري مشق حل ڪرائڻ ۾ مدد ڪري ٿو.**

(i) ✗ (ii) ✓ (iii) ✗ (4) ✓ (5) ✗

**سرگرمي** 04: **ڪتاب ۾ ڏنل آهي.**

**سرگرمي** 05: **ڪتاب ۾ ڏنل آهي.**

## سبق چوٿون

# ’معاشرتي زندگيءَ ۾ وقت جي پابنديءَ جي اهميت‘

### سکيا جي حاصلات:

هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگردياڻيون ان قابل ٿي سگهندا تہ هو:

❖ ڪم ڪار وارين جڳهين تي پنهنجي ذميوارين ڪي وقت جي پابنديءَ سان ادا ڪرڻ جو عملي مظاهرو ڪر سگهندا.
❖ معاشرتي زندگيءَ ۾ وقت ۽ ان جي پابنديءَ جي اهميت تي گفتگو ڪري سگهندا. انهن طريقن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهندا. جن جي وسيلي هڪ فرد پنهنجي سماجي زندگيءَ جي روزمره جو ٽائيم ٽيبل ٺاهي سگهي ٿو.

### بنيادي تصور:

- روزمره جي زندگيءَ ۾ وقت ۽ ان جي اهيمت ڪي سمجهڻ
- ڪنهن گڏجاڻي/ تقريب، سفر يا تفريح تي وڃڻ کان اڳ ۾ ان جو شيڊول تيار ڪري سگهن.

### تدريسي معاونت/ پڙهائي ۾ مددگار

- ڪنهن ڪارخاني ۾ وڃڻ لاءِ مقرر ٿيل وقت جي تصوير.
- ڪنهن تقريب ۾ مقرر وقت تي پهچڻ جي تصوير
- اڇو بورڊ، مارڪر، اڇو پنو.

### پڙهائي جو طريقو:

ابتدائي سوال: استاد، سبق پڙهائڻ کان پهرئين شاگردن ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ لاءِ انهن سان گفتگو ڪري ٿو ۽ ڪجهہ سوال ڪري ٿو.

سوال نمبر1:  هن تصويرن مان ڇا نظر اچي رهيو آهي (هڪ تصوير)

سوال نمبر2:  توهان ڪي هن تصوير ۾ ڇا نظر اچي رهيو آهي؟ (ٻي تصوير)

سوال نمبر3:  هيءَ تصويرون ڇا جي اهميت ڪي ظاهر ڪري رهيون آهن؟

پيارا ٻارو! اسان اڄ وقت جي پابندي ۽ ان جي اهميت جي عنوان تي سبق پڙهنداسين. هن سبق ۾ وقت جي اهميت جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهنداسين. پنهنجي ڪتاب جو صفحو نمبر ____ کوليو.

**پهريون قدم:  مثالي پڙهڻي**

استاد، سبق جي مثالي پڙهڻي ڪري ٿو ۽ شاگردن کي ڌيان سان ٻڌڻ جي هدايت ڪري ٿو . پڙهائي جي وقت شاگردن کي تصويرون ڏيکاري ٿو.

**ٻيو قدم:  خاموش پڙهڻي**

استاد، شاگردن کي خاموشيءَ سان سبق پڙهڻ جي تاڪيد ڪري ٿو ۽ نون لفظن کي پينسل سان ليڪ ڏيڻ لاءِ چوي ٿو.

**ٽيون قدم:  جائزو**

استاد، شاگردن کان سوال ڪري جائزو وٺي ٿو تہ هو ڪيترو سکيا آهن.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01:  استاد، مشقي سوال بورڊ تي لکي ۽ شاگردن کي لکڻ لاءِ چوي ٿو.

سرگرمي 02:  استاد، شاگردن کي خال پرائڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

1. وير
2. امڪان
3. شيءِ
4. قدر
5. پابندي

سرگرمي 03:  استاد، ’صحيح‘ يا ’غلط‘ واري مشق حل ڪرائڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

(i) ✗   (ii) ✓   (iii) ✗   (4) ✓   (5) ✓

سرگرمي 04:  ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

سرگرمي 05:  ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

**باب ٽيون: سماجي ۽ معاشرتي آداب**

سبق پهريون

# ’ملڻ جُلڻ جا آداب‘

**سکيا جي حاصلات:**

هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگردياڻيون ان قابل ٿي سگهندا تہ هو:

- ’ملڻ جُلڻ جي آدابن ‘جو مفهوم بيان ڪري سگهندا. ٻار هڪ ٻئي سان ملڻ جلڻ جي اهميت بيان ڪري سگهندا. ملڻ جُلڻ جي مختلف طريقن جهڙوڪ خوش آمديد چوڻ، مبارڪ ڏيڻ ۾ خوشيءَ جي اظهار جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهندا.
- مثالن ذريعي واضح ڪري سگهندا تہ اسڪول جي دوستن مددگار عملي ۽ استادن کي ڪهڙي طرح خوش آمديد چئجي.
- مثالن ذريعي عملي مظاهرو ڪندا تہ ڪنهن تقريب ۾ شريڪ/ شامل ٿيڻ جا آداب ڪهڙا هوندا آهن.

**بنيادي تصور:**

- عملي زندگيءَ ۾ ملڻ جُلڻ جي آدابن جو لحاظ رکڻ ۽ ان مان لطف اندوز ٿيڻ.

**امدادي شيون:**

- ڪنهن تقريب ۾ دوست سان دُعا سلام ڪرڻ جي تصوير (تصويرون)
- دوست کي سوکڙي ڏيڻ واري تصوير (تصويرون)
- اڇو بورڊ، مارڪر

**پڙهائڻ جو طريقو:**

استاد پڙهائيءَ کان پهرئين شاگردن ۾ ذهني آمادگي پيدا ڪرڻ لاءِ تصوير ڏيکاريندي انهن کان ڪجهہ سوال ڪري ٿو.

سوال نمبر1: هن تصوير ۾ توهان ڇا ڏسي رهيا آهيو؟ (تصوير ڏيکاري ٿو)

سوال نمبر2: امتحان ۾ ڪامياب ٿيڻ تي پنهنجي دوست کي ڇا ڏيندا آهيو؟

سوال نمبر3: ڪنهن تقريب ۾ ماڻهن جو هڪ ٻئي سان سلوڪ ڪيئن هئڻ گهرجي؟

پيارا ٻارو! اڄ جي سبق جو عنوان آهي: ملڻ جُلڻ جا آداب، جنهن ۾ دعا سلام ڪرڻ، مبارڪ ڏيڻ، سوکڙي ڏيڻ، تقريب ۾ هڪ ٻئي سان ملڻ جي آدابن بابت پڙهنداسين. توهان پنهنجي ڪتاب جو صفحو نمبر_____ کوليو.

**پهريون قدم: مثالي پڙهڻي**

استاد، سبق کي مثالي پڙهڻي جي وسيلي وڏي آواز سان پڙهي ٿو، پڙهائيءَ دوران تصويرون ڏيکاري، لفظن کي جوڙي جملن جي مفهوم کي ياد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد شاگردن کي سبق جي مواد کي خاموشيءَ سان سبق پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ چوي ٿو ۽ نون لفظن هيٺيان ليڪ ڏيڻ لاءِ چوي ٿو ته جيئن انهن لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهي سگهن.

**ٽيون قدم: انفرادي پڙهڻي**

استاد شاگردن کي سبق جي مواد جي مختلف حصن کي بلند آواز سان پڙهڻ لاءِ چوي ٿو.

**چوٿون قدم: جائزو**

جائزو وٺڻ لاءِ شاگردن لاءِ ڪيتري قدر سبق کي سمجهيو آهي. استاد، ڪجهه سوال ڪري اندازو لڳائي ٿو ته هُو سبق جي پڙهائڻ ۾ ڪيترو ڪامياب ٿيو آهي.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01: استاد، مشقي سوالن جا جواب بورڊ تي لکي، شاگردن کي ڪاپي/ نوٽ بُڪ ۾ لکڻ لاءِ چوي ٿو.

سرگرمي 02: استاد، شاگردن کي خال پرائڻ واري مشق ۾ مدد ڪري ٿو.

1. ملڻ جُلڻ
2. مسڪراهٽ
3. گهُوري
4. افسوس
5. سچي زندگي

سرگرمي 03: استاد، ’صحيح‘ يا ’غلط‘ واري مشق حل ڪرائڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪري ٿو.

(i) ✗ (ii) ✓ (iii) ✗ (iv) ✓ (v) ✓

سرگرمي 04: ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

سرگرمي 05: ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

سبق پيو

# بزرگن/ وڏن جو احترام ۽ بيمارن جي عيادت ڪرڻ

**سکيا جي حاصلات:**

هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگردياڻيون ان قابل ٿي سگهندا تہ هو:

| |
|---|
| ❖ وڏن جي احترام ۾ بيهڻ سکندا. وڏن جي احترام ۾ انهن کي پنهنجي جاءِ (Seat) پيش ڪرڻ جو عملي مظاهرو ڪرڻ سکي سگهندا ۽ روڊ پار ڪرڻ ۾ انهن جي مدد ڪري سگهندا.<br>❖ وڏن جي نصيحتن ۽ مشورن تي عمل ڪندا ۽ بزرگن سان با ادب ۽ فرمانبردار ٿيڻ جو ڪوشش ڪري سگهندا.<br>❖ اهو احساس ڪندا تہ بيمارن کي دوائن سان گڏو گڏ انهن کي اخلاقي ۽ نفسياتي مدد جي بہ ضرورت هوندي آهي. |

**بنيادي تصور:**

1. بزرگن جواحترام ڪرڻ، انهن جو چيو مڃڻ ۽ انهن جي مدد ڪرڻ
2. بيمارن جي عيادت وقت ڪجهہ ڳالهين جو خيال رکڻ.

**امدادي شيون:**

- ڪنهن بزرگ جي احترام ۾ اُٿي بيهڻ ۽ روڊ پار ڪرائڻ جي تصيور (تصوير)
- عيادت ڪرڻ جي اصولن جي تصوير (تصوير)
- اڇو بورڊ ، مارڪر

**پڙهائڻ جو طريقو:**

بنيادي سوال پڙهائڻ کان پهرئين سکڻ جي عمل کي سازگار بنائڻ.

1. تصوير ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟ (ممڪن جواب: هڪ توهان هڪ بزرگ جي احترام ۾ بيٺل آهي)
2. بي تصوير ۾ توهان ڇا ڏسي رهيا آهيو. (هڪ نوجوان بزرگ کي رستو پار ڪرڻ ۾ مدد ڪري رهيو آهي)

3. هن (تصوير ۾ موجود) ڳالهين جو استعمال اسان اڪثر ڪري ڪڏهن ڪندا آهيون.
(بيمارن جي عيادت ڪرڻ وقت)

پيارا ٻارو! اسان اڄ بزرگن جي احترام ۾ بيمارن جي عيادت جي عنوان تي سبق پڙهنداسين. ڪتاب جو صفحو نمبر_____ کوليو.

**پهريون قدم: مثالي پڙهڻي**

استاد، سبق کي وڏي آواز ۽ مناسب لهجي ۾ پڙهي ٿو ۽ شاگردن/ شاگردياڻين کي غور سان ٻڌڻ جو چئي ٿو. ڪين تصويرون ڏيکاري سبق جو مفهوم سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد، شاگردن کي خاموشيءَ سان سبق پڙهڻ جو چوي ٿو ۽ نون لفظن کي هيٺيان ليڪ ڏيڻ لاءِ چوي ٿو.

**ٽيون قدم: انفرادي پڙهڻي**

استاد ڪجهه شاگردن کان سبق جا مختلف پيراگراف بلند آواز ۾ پڙهڻ لاءِ چوي ٿو.

**چوٿون قدم: جائزو**

استاد، جائزو وٺڻ لاءِ ته شاگردن ڪيتري قدر سبق کي سمجهيو آهي. هو انهن کان سوال ڪري اندازو لڳائي ٿو ته سبق پڙهائڻ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ٿيو آهي.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01: استاد، مشقي سوال بورڊ تي لکي ۽ شاگردن کي پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکڻ لاءِ چوي ٿو.

سرگرمي 02: استاد، شاگردن کي خال پرائڻ واري مشق ۾ مدد ڪري ٿو.

1. بزرگن
2. پيءُ (والد)
3. فرمانبرداري
4. قوت ارادي
5. ميوا ۽ گُلدستو

**سرگرمي** 03**:** **استاد،** ’**صحيح**‘ **يا** ’**غلط**‘ **واري مشق حل ڪرائڻ ۾ مدد ڪري ٿو.**

✓ (i) ✗ (ii) ✗ (iii) ✓ (4) ✗ (5)

**سرگرمي** 04**:** **ڪتاب ۾ ڏنل آهي.**

**سرگرمي** 05**:** **ڪتاب ۾ ڏنل آهي.**

## سبق پهريون

# ميران ٻائي

### سکيا جي حاصلات:

هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگردياڻيون ان قابل ٿي سگهندا ته هو:

- ❖ ميران ٻائي جي زندگيءَ جو مختصر خاڪو بيان ڪري سگهندا. اهو تسليم ڪندا ته ننڍ پڻ ۾ سندن ماءُ جا چيل لفظ سندن زندگيءَ جو دستور بڻجي ويا.
- ❖ شري ڪرشن ڀڳوان لاءِ سندن بي حد محبت ۽ حقيقي مالڪ جي رستي ۾ جيڪي تڪليفون آيون، ان جي باري ۾ گفتگو ڪري سگهندا.
- ❖ اهي سمجهي سگهندا ته پر عزم، جستجو، پنهنجي محنت ۽ روحاني گُرو ڪين مقصد ماڻڻ ۾ ڪاميابي ڏياري آهي.
- ❖ سماجي هم آهنگي ۽ پنهنجي محنت واري رستي تي ان جي خدمت جي وضاحت ڪري سگهندا.

### بنيادي تصور:

- ميران ٻائي جي زندگيءَ جي حالات کان واقف ٿيندا.
- ڀڳوان شري ڪرشن جي لاءِ بي حد محبت ۽ عقيدت کي بيان ڪرڻ ۽ تعريف ڪرڻ

### امدادي شيون:

- ميران ٻائي جي هڪ تصوير (تصوير)
- اڇو بورڊ ۽ مارڪر

### پڙهائڻ جو طريقو:

شاگردن کي هن سبق لاءِ ذهني طور تي تيار ڪيو وڃي جنهن لاءِ ميران ٻائيءَ جي هڪ تصوير شاگردن جي سامهون رکي، ڪائنن ان جي زندگيءَ جو تعارف ڪرائڻ لاءِ شاگردن کان معلوم ڪيو.

ڇا توهان مان ڪنهن ٻار هن تصوير ۾ موجود مقدس شخصيت کي ڪنهن مندر يا مووي‌ءَ ۾ ڏٺو آهي؟

جواب ملڻ تي شاگردن جي همت افزئي ڪري ڪين وڌيڪ معلومات ڏيڻ لاءِ ٻڌايو ته:

پيارا ٻارو! اڄ اسان ’ميران ٻائي‘ جي عنوان جو سبق پڙهنداسين. توهان پنهنجي ڪتاب جو صفحو ______ کوليو.

**پهريون قدم: مثالي پڙهڻي**

استاد، شاگردن جي اڳيان سبق کي وڏي آواز سان پڙهي ٿو ۽ کين ڌيان سان ٻڌڻ لاءِ چوي ٿو.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد، شاگردن خاموشي سان سبق پڙهڻ لاءِ چوي ٿو ۽ لکيل نون لفظن کي چٽو ڪرڻ لاءِ هيٺيان ليڪ ڏيڻ لاءِ چوي ٿو ته جيئن هو انهن جي معنيٰ پڇي سگهن.

**ٽيون قدم: انفرادي پڙهڻي**

استاد شاگردن کي سبق جا مختلف حصا وڏي آواز ۾ پڙهڻ لاءِ چوي ٿو.

**چوٿون قدم: جائزو**

شاگردن سبق ڪيتري قدر سمجهيو آهي اهو معلوم ڪرڻ لاءِ استاد انهن کان ڪجهه سوال ڪري ٿو ۽ ڏنل جوابن مان اندازو لڳائي ٿو ته ان جي پڙهائي ڪيتري حد تائين ڪامياب ٿي آهي. صحيح جواب ملڻ تي هو شاگردن جي ساراهه ڪري ٿو ۽ غلطين جي صورت ۾ انهن جي اصطلاح ڪري ٿو.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01: استاد، مشقي سوال بورڊ تي لکي ۽ شاگردن کي پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکڻ لاءِ چوي ٿو.

سرگرمي 02: صحيح جوابن سان خال پرائڻ مشق ڪرائي ٿو ۽ جوابن جي تصديق ڪري ٿو.

سرگرمي 03: استاد، شاگردن جي ڪالم ڳنڍائي جملو مڪمل ڪرائڻ واري مشق ۾ رهنمائي ڪري ٿو.

سرگرمي 04: سرگرمي (راند روند) ۾ ميران بائيءَ جي ليڪڪ جي باري ۾ معلومات گڏ ڪرڻ جي ڄاڻ ڏئي ٿو ۽ انهن جي رهنمائي ڪري ٿو.

سبق ڇهون

# مقدس اگسٽين

**سکيا جي حاصلات:**

**هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگردياڻيون ان قابل ٿي سگهندا تہ هو:**

- ❖ لفظ مقدس جو مفهوم بيان ڪري سگهندا. مقدس اگسٽين جي حالاتِ زندگيءَ کي مختصر بيان ڪري سگهندا. سندس عقيدو ڇڏي ۽ ٻيهر مسيحيت ۾ اچڻ جا سبب ٻڌائي سگهندا.
- ❖ پنهنجي عقيدي جي پرچار ڪرڻ ۾ سندس خدمات بيان ڪري سگهندا.
- ❖ اخلاقي قدرن ۾ مذهبي تعليمات جي ترقي ۾ سندس ڪردار بيان ڪري سگهندا.
- ❖ انسانيت لاءِ ان جون ڏنل خدمتون بيان ڪري سگهندا.

**بنيادي تصوير:**

مقدس اگسٽين جي حالاتِ زندگيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.

مقدس اگسٽين جي ڏنل خدمتن کي بيان ڪري سگهندا.

**پرهائڻ جو طريقو:**

سبق پڙهڻ کان پهرئين شاگردن جي ذهني آمادگيءَ لاءِ ڪين مقدس اگسٽين جي تصوير ڏيکاري سبق ڏانهن ڌيان ڇڪايو ۽ اڳئين معلومات جي آڌار تي ڪائنڻ مسيحيت جي اهم ڳالهين ۽ شخصيتن جي باري ۾ سوال پڇو، جيئن:

سوال نمبر1: مقدسين ۾ ڪهڙا نالا اچن ٿا؟

سوال نمبر2: ڇا توهان مقدسہ حضرت مريم عليها السلام کان سواءِ ڪنهن ٻئي مقدس جي باري ۾ ڄاڻ رکو ٿا؟

شاگردن جي طرفان صحيح ڏنل جوابن جي همت افزائي ڪريو ۽ انهن کي وڌيڪ معلومات ڏيڻ لاءِ ٻڌايو تہ:

پيارا ٻارو! اڄ اسان ’مقدس اگسٽين‘ جي باري ۾ پڙهنداسين.

**پهريون قدم: مثالي پڙهڻي**

استاد، شاگردن جي اڳيان سبق کي وڏي آواز سان پڙهي ٿو ۽ ڪين ڌيان سان ٻڌڻ لاءِ چوي ٿو.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد، شاگردن کي خاموشي سان سبق پڙهڻ لاءِ چوي ٿو ۽ لکيل نون لفظن کي چٽو ڪرڻ لاءِ هيٺيان ليڪ ڏيڻ لاءِ چوي ٿو ته جيئن هو انهن جي معنيٰ پڇي سگهن.

**ٽيون قدم: انفرادي پڙهڻي**

استاد شاگردن کي سبق جا مختلف حصا وڏي آواز ۾ پڙهڻ لاءِ چوي ٿو.

**چوٿون قدم: جائزو**

شاگردن سبق ڪيتري قدر سمجهيو آهي اهو معلوم ڪرڻ لاءِ استاد انهن کان ڪجهه سوال ڪري ٿو ۽ ڏنل جوابن مان اندازو لڳائي ٿو ته هو سبق پڙهائڻ ۾ ڪيترو ڪامياب ٿيو آهي. گڏو گڏ صحيح جواب ڏيڻ وارن شاگردن جي همت افزائي ڪري ٿو ۽ غلطين جي صورت ۾ سندس اصلاح ڪري ٿو.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01: استاد، مشقي سوالن جا جواب بورڊ تي لکي ٿو ۽ شاگردن کي به لکڻ لاءِ چوي ٿو.

سرگرمي 02: صحيح جوابن سان خال ڀرائڻ واري مشق ڪرائي ٿو ۽ جوابن جي تصديق ڪري ٿو.

سرگرمي 03: استاد، شاگردن کي 'صحيح' يا 'غلط' جملن واري مشق مڪمل ڪرڻ ۾ رهنمائي ڪري ٿو.

سرگرمي 04: سرگرمي (راند روند) ۾ مقدس اگسٽين جي باري ۾ معلومات (چارٽ) مڪمل ڪرڻ ۾ شاگردن کي آگاهي ڏئي ٿو.

### سبق ٽيون

# اِبنِ مسڪويہ

**سکيا جي حاصلات:**

هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگردياڻيون ان قابل ٿي سگهندا تہ هو:

- ❖ ابن مسڪويہ جي زندگي جي حالات جو مختصر خاڪو بيان ڪري سگهندا. اخلاقي صحت متعلق سندس خيالات جي وضاحت ڪري سگهندا. اخلاقي قدرن ۽ اخلاقي اصولن تي مشتمل سماج جي تعمير ۾ ان جي خدمات کي بيان ڪري سگهندا.
- ❖ سندس ڪتاب 'تهذيب الاخلاق ۾ ڏنل اهم ڳالهين جو مطالعو ڪري ان تي عمل ڪري سگهندا.

**بنيادي تصور:**

اِبن ِمسڪويہ جي حالات زندگيءَ کان واقف ٿيڻ.

اِبنِ مسڪويہ جون ڏنل خدمتون ۽ ان جي ڪتاب 'تهذيب الاخلاق' جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.

**امدادي شيون:**

1. اِبنِ مسڪويہ ۽ان جي ڪتاب جي تصوير (تصوير)
2. اڇو بورڊ، مارڪر

**پڙهائڻ جو طريقو:**

سبق لاءِ شاگردن کي ذهني طرح تيار ڪريو جنهن لاءِ اِبنِ مسڪويہ ان جي لکيل ڪتاب جي تصوير کي سامهون رکي شاگردن کان معلوم ڪريو.

سوال 01: ڇا توهان مان ڪنهن ٻار، هن تصوير واري مقدس شخصيت کي ڏٺو آهي ؟

- صحيح جواب ملڻ تي ٻارن جي همت افزائي ڪيو ۽ انهن کي وڌيڪ معلومات ڏيڻ لاءِ ٻڌايو تہ:

پيارا ٻارو! اڄ اسان مذهبي تعليمات ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندڙ شخصيت 'اِبنِ مسڪويہ' جي بابت پڙهنداسين. توهان پنهنجي ڪتاب جو صفحو نمبر______ ڪوليو.

**پهريون قدم: مثالي پڙهڻي**

استاد، شاگردن جي اڳيان سهڻي طريقي سان سبق پڙهي ٿو ۽ کين ڌيان سان ٻڌڻ لاءِ چوي ٿو.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد، شاگردن کي خاموشي سان سبق پڙهڻ لاءِ چوي ٿو ۽ لکيل نون لفظن جي هيٺيان ليڪ ڏيڻ لاءِ چوي ٿو ته جيئن هو انهن جي معنيٰ پڇي سگهن.

**ٽيون قدم: انفرادي پڙهڻي**

استاد، شاگردن کي سبق جا مختلف حصا وڏي آواز ۾ پڙهڻ لاءِ چوي ٿو.

**چوٿون قدم: جائزو**

شاگردن ڪيتري قدر ڄاڻ حاصل ڪئي آهي اهو جائزو وٺڻ لاءِ استاد، شاگردن کان ڪجهه سوال ڪري ٿو ته جيئن انهن جي ڏنل جوابن مان اندازو لڳائي سگهجي ته سبق پڙهائڻ ۾ ڪيتري ڪاميابي ٿي آهي. صحيح جواب ملڻ تي ٻارن جي همت افزائي ڪري ٿو ۽ غلطين جي صورت ۾ انهن جي اصلاح ڪري ٿو.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01: استاد، مشقي سوالن جا جواب بورڊ تي لکي ٿو ۽ شاگردن کي به لکڻ لاءِ چوي ٿو.

سرگرمي 02: صحيح جوابن سان خال پرڻ واري مشق لکرائي ٿو ۽ انهن جي تصديق ڪري ٿو.

سرگرمي 03: استاد، شاگردن کي ڪالمن کي ملائي جملا ناهڻ واري مشق حل ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

سرگرمي 04: سرگرمي (راند روند) ۾ اِبنِ مسڪويه جي ڪتابن جي فهرست ناهڻ لاءِ ٻارن کي ڄاڻ ڏئي ٿو ۽ انهن ڪتابن کي انٽرنيٽ تان ڳولهڻ ۾ رهنمائي ڪري ٿو.

### سبق چوٿون

# ابراهام لِنڪن

**سکيا جي حاصلات:**

هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگردياڻيون ان قابل ٿي سگهندا تہ هو:

- ❖ ابراهام لنڪن جي شروعاتي ۽ ازدواجي زندگيءَ بابت ٻڌائي سگهندا. ان جي پيشي/ ڌنڌي ۽ عوامي زندگي جي هر موڙ تي ايمانداريءَ واري صفت جو جائزو وٺي سگهندا.
- ❖ صدارتي منصب تي پهچڻ واري سفر کي بيان ڪري سگهندا.
- ❖ ابراهام لنڪن جي ڪردار جي عظمت کي ساراهي سگهندا.
- ❖ ان نظام جي تعريف ڪري سگهندا جنهن ۾ غريب اعليٰ عهدي تي پهچي ٿو.
- ❖ جمهوريت، قانون جي حڪمراني غلام ۽ غلامن جي حقن جي جدوجهد لاءِ سندس خدمات کي واضح ڪري سگهندا.
- ❖ انهن عظيم مقصدن جي تعريف ڪري سگهندا جنهن لاءِ ابراهام لِنڪن پنهنجي جان قربان ڪئي.

**بنيادي تصور:**

- آمريڪا جي اڳواڻ صدر ابراهيم لِنڪن جي حالاتِ زندگيءَ کان واقف ٿيڻ.
- جمهوريت جي بحالي، انساني حقن جي بحالي ۽ غلامن کي آزادي ڏيڻ جهڙين خدمتن جي تعريف بيان ڪرڻ.

**امدادي شيون:**

1. ابراهام لِنڪن جي تصوير (تصوير)
2. آمريڪا جو جهندو
3. اڇو بورڊ ۽ مارڪر

**پڙهائڻ جو طريقو:**

سبق پڙهڻ لاءِ شاگردن کي ذهني طور تيار ڪيو وڃي جنهن لاءِ اڳوٽي آمريڪي صدر ابراهام لِنڪن سندس ملڪ جي تصوير شاگردن جي سامهون رکي انهن کان معلوم ڪيو وڃي:

سوال نمبر1: ڇا توهان کي خبر آهي تہ هيءَ ڪهڙي ملڪ جو جهندو آهي؟ (استاد تصوير ڏيکاري ٿو)

سوال نمبر2: آمريڪا جي مشهور صدرن جا نالا ٻڌايو؟

اڳين ڄاڻ متعلق جواب ڏيڻ تي شاگردن جي همت افزائي ڪيو ۽ انهن کي وڌيڪ ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ٻڌايو ته:
پيارا ٻارو! اڄ اسان آمريڪا جي صدارتي عهدي تي فائز رهڻ واري عظيم شخصيت ابراهام لِنڪن جي بابت پڙهنداسين، پنهنجن ڪتابن جو صفحو نمبر ______ ڏسو.

**پهريون قدم: مثالي پڙهڻي**

استاد، شاگردن جي اڳيان سبق بلند آواز ۾ پڙهي ٿو ۽ ڪين ڌيان سان ٻڌڻ لاءِ چوي ٿو.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد، شاگردن کي خاموشي سان سبق پڙهڻ لاءِ چوي ٿو ۽ نون لفظن جي هيٺيان ليڪ ڏيڻ لاءِ چوي ٿو ته جيئن هو انهن جي معنىٰ پڇي سگهن.

**ٽيون قدم: انفرادي پڙهڻي**

استاد، شاگردن کي سبق جا مختلف حصا وڏي آواز ۾ پڙهڻ لاءِ چوي ٿو.

**چوٿون قدم: جائزو**

شاگردن ڪيتري قدر ڄاڻ حاصل ڪئي آهي اهو جائزو وٺڻ لاءِ استاد شاگردن کان ڪجهه سوال ڪري ٿو ته جيئن انهن کي ڏنل جوابن مان اندازو لڳائي سگهجي ته سبق پڙهائڻ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ٿيو آهي. صحيح جواب ملڻ تي ٻارن جي همت افزائي ڪري ٿو ۽ غلطين جي صورت ۾ انهن جي اصلاح ڪري ٿو.

## سرگرميون:

سرگرمي 01: استاد، مشقي سوالن جا جواب بورڊ تي لکي ٿو ۽ شاگردن کي به لکڻ لاءِ چوي ٿو.

سرگرمي 02: صحيح جوابن سان خال پرڻ واري مشق لکرائي ٿو ۽ انهن جي تصديق ڪري ٿو.

سرگرمي 03: استاد، شاگردن کي ڪالمن کي ملائي جملا ناهڻ واري مشق حل ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

سرگرمي 04: سرگرمي (راند روند) ۾ ابراهام لنڪن جي ڪتابن جي فهرست ناهڻ لاءِ ٻارن کي ڄاڻ ڏئي ٿو ۽ انهن ڪتابن کي انٽرنيٽ تان ڳولهڻ ۾ رهنمائي ڪري ٿو.

سبق پهريون

# ڏياري

## سکيا جي حاصلات:

هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگردياڻيون ان قابل ٿي سگهندا ته هو:

- ❖ ڏياري جي وضاحت ڪري سگهندا. اهو ڄاڻي سگهندا ته ڏياري سال جي ڪهڙي ڏينهن ملهائي ويندي آهي. روشنين جي ڏهاڙي طور ڏياري جي اهميت بيان ڪري سگهندا.
- ❖ ان ڳالهه جي تعريف ڪري سگهندا ته ’سچي لڪشمي‘ اخلاقي قدرن تي عمل ڪرڻ ۾ ئي آهي.
- ❖ ڦٽاڪن ۽ ڦُلجَڙي ڪي ٻارڻ وقت حفاظتي اقدامات جو عملي مظاهرو ڪري سگهندا.

## بنيادي تصور:

1. ڏياري ملهائڻ جي اهميت کي سمجهڻ
2. ڏياري جي پس منظر کي ڄاڻڻ
3. پنهنجين خوشين ۾ غريبن ۽ ضرورتمندن کي شامل ڪرڻ

## امدادي شيون:

1. ڏياريءَ جي تصوير (تصوير)
2. اڇو بورڊ ۽ مارڪر

## پڙهائڻ جو طريقو:

استاد، شاگردن کي پڙهائڻ کان پهرئين ذهني آمادگيءَ لاءِ ماحول سازگار بنائي ٿو ۽ ڪين ڏياريءَ جون رسمن جي تصوير ڏيکاري هينيان ڏنل سوال ڪري ٿو.

سوال نمبر1: هن تصوير ۾ توهان ڇا ڏسي رهيا آهيو؟

سوال نمبر2: هندو ڌرم جا خاص ڏڻ ڪهڙا آهن ؟

پيارا ٻارو! اڄ اسان هندو ڌرم جي هڪ اهم ڏڻ ’ڏياريءَ‘ جي باري ۾ پڙهنداسين. ڪتاب جو صفحو نمبر ______ کوليو.

پهريون قدم: مثالي پڙهڻي

استاد، بلند آواز سان سبق پڙهي ٿو ۽ شاگردن کي ڌيان سان ٻڌڻ لاءِ چوي ٿو.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد، شاگردن کي خاموشي سان سبق پڙهڻ لاءِ چوي ٿو ۽ لکيل نون لفظن جي هيٺيان ليڪ ڏيڻ لاءِ چوي ٿو تہ جيئن هو انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهن.

**ٽيون قدم: انفرادي پڙهڻي**

استاد ڪلاس ۾ موجود ڪجهہ شاگردن کي سبق جا مختلف پيراگراف پڙهڻ جو چوي ٿو.

**چوٿون قدم: جائزو**

شاگردن ڪيتري قدر سبق کي سمجهي سگهيا آهن. اهو ڄاڻڻ لاءِ استاد ڪجهہ ٻارن کان سوال ڪري ٿو تہ جيئن اندازو لڳائي سگهجي تہ هن سبق مان ڪين ڪيتري ڄاڻ ملي سگهي آهي. صحيح جواب ڏيڻ تي سندن ساراهہ ڪري ٿو ۽ غلطين جي اصلاح ڪري ٿو.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01: استاد، مشقي سوال بورڊ تي لکي شاگردن کي لکڻ لاءِ چوي ٿو.

سرگرمي 02: صحيح جوابن سان خال ڀرڻ واري مشق ڪرائي انهن جي جوابن جي تصديق ڪري ٿو.

سرگرمي 03: استاد ’صحيح‘ يا ’غلط‘ جملن واري مشق حل ڪرائڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ڪري ٿو.

سرگرمي 04: سرگرمي (راند روند) ۾ ڏياري جي ڏنل خاڪي کي پيش ڪرڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ڪري انهن کي مشق (ريهرسل) ڪرائڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

سبق ٻيو

# جنم اشٽمي

**سکيا جي حاصلات:**

**هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگردياڻيون ان قابل ٿي سگهندا ته هو:**

- ❖ جنم اشٽمي جي وضاحت ڪري سگهندا.
- ❖ اهو ڄاڻي سگهندا ته ان ڏينهن تي شري ڪرشن ڀڳوان جنم ورتو يا ان جو ظهور ٿيو. شري ڪرشن ڀڳوان جي ماءُ، پيءُ جي نالن ۽ انهن جي زندگي بابت ڄاڻي سگهندا.
- ❖ ڌرم کي زنده رکڻ جي خدمات جي ياد ۾ ملهائڻ وارا هن ڏڻ / ڏهاڙي تي بحث مباحثو ڪري سگهندا.
- ❖ اهو ڄاڻي سگهندا ته 'شري ڀڳود گيتا' انسانن لاءِ ڀڳوان طرفان اعليٰ تحفو آهي.

**بنيادي تصور:**

- جنم اشٽمي جي بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- شري ڪرشن ڀڳوان ۽ جنم اشٽمي جي تعلق کي سمجهڻ.

**پڙهائڻ جو طريقو:**

استاد، پڙهائڻ کان پهرئين صحيح نموني سکڻ لاءِ شاگردن کي ذهني طور تيار ڪري ماحول کي سازگار بڻائيندو ۽ ڪين جنم اشٽمي جي ڏڻ جو ڪجهه تصويرون ڏيکاري ٿو ۽ انهن کان سوال ڪري ٿو.

1. هوليءَ ۽ ڏياريءَ کان علاوه هندو ڌرم جا پوئلڳ ٻيا ڪهڙا ڏڻ ملهائيندا آهن ؟
2. ٻارن جي جواب ڏيڻ تي انهن جي همت افزائي ڪري ٿو ۽ انهن کي ٻڌائي ٿو:

پيارا ٻارو! اڄ اسان هندو ڌرم جي مقدس ڏڻ جنم اشٽمي جي باري ۾ پڙهنداسين. توهان پنهنجي ڪتاب جو صفحو نمبر ____ کوليو.

**پهريون قدم: مثالي پڙهڻي**

استاد، مناسب بند آواز سان سبق پڙهي ٿو ۽ شاگردن کي ڌيان سان ٻڌڻ لاءِ چوي ٿو.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد، شاگردن کي خاموشي سان سبق پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ چوي ٿو ۽ لکيل نون لفظن

جي  هيٺيان ليڪ ڏيڻ لاءِ چوي ٿو ته جيئن هو انهن جي معنيٰ پڇي سگهن.

**ٽيون قدم:     انفرادي پڙهڻي**

استاد، ڪلاس ۾ موجود ڪجهه شاگردن کي سبق  پڙهڻ جو چوي ٿو.

**چوٿون قدم:   جائزو**

شاگردن کان سوال ڪري ٿو ته جيئن ڄاڻي سگهي ته هُنن سبق کي ڪيتري قدر سمجهيو آهي ۽ بعد ۾ انهن جي ساراهه ۽ اصلاح ڪري ٿو.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01:   استاد، مشقي سوال بورڊ تي لکي شاگردن کي به لکڻ لاءِ چوي ٿو.

سرگرمي 02:   صحيح جوابن سان خال پرڻ واري مشق حل ڪرائي ٿو ۽ جوابن جي تصديق ڪري ٿو.

سرگرمي 03:   استاد، 'صحيح' يا 'غلط' جملن جي مشق ڪرڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪري ٿو.

سرگرمي 04:   سرگرمي (راند رونڊ) ۾ ڏنل اصلاحات جي وضاحت ۾ شاگردن جي مدد ڪري ٿو ۽ انهن جي رهنمائي ڪري ٿو.

سبق ٽيون

# ويساکي

## سکيا جي حاصلات:

هيءُ سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد/ شاگردياڻيون ان قابل ٿي سگهندا تہ هو:

- ❖ ويساکيءَ جو مفهوم بيان ڪري سگهندا. اهو ڄاڻي سگهندا تہ سال جي ڪهڙي مهيني ۾ ويساکيءَ جو ڏڻ جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويجي ٿو. اهو ڄاڻي سگهندا تہ هيءَ ڏڻ پنجاب ۾ 'ڪڻڪ جي لاباري' وارو ڏڻ چئبو آهي.
- ❖ اهو ڄاڻي سگهندا تہ ان ڏينهن تي سِکن جي نئين سال جي شروعات ٿيندي آهي.
- ❖ ان ڳالھ کي ڄاڻي سگهندا تہ سڀ ماڻهون ان ۾ شريڪ ٿيندا آهن.
- ❖ ان ڏينهن تي ڳائڻ وڄائڻ ۽ خوشي ملهائڻ واري پس منظر تي ڳالھ ٻولھ ڪري سگهندا.

## بنيادي تصور:

1. ويساکيءَ جي اهميت کي ڄاڻڻ
2. ويساکيءَ جي مذهبي ۽ ثقافتي اهميت کي ڄاڻڻ .

## امدادي شيون:

- ويساکي ملهائڻ جي تصوير
- اڇو يا سائو بورڊ، مارڪر

## پڙهائڻ جو طريقو:

سبق جي باري ۾ ذهني آمادگيءَ ۽ ماحول کي سازگار بنائڻ لاءِ استاد، شاگردن کان ڪجھ سوال ڪري ٿو.

سوال نمبر1: هي تصوير ڇا جي باري ۾ آهي؟

سوال نمبر2: پاڪستان ۾ مسلمانن کان سواءِ ڪهڙي مذهب جا ماڻهو رهن ٿا؟

ٻارن طرفان مليل جُليل (صحيح يا غلط) جوابن تي سندن تعريف ۽ همت افزائي ڪريو ۽ انهن کي ٻڌايو تہ:

پيارا ٻارو! اڄ سِک مذهب جي ڏڻ/ ڏهاڙي '**ويساکي**' جي باري ۾ پڙهنداسين. توهان پنهنجي مذهبي تعليمات جي ڪتاب جو صفحو نمبر ____ کوليو.

**پهريون قدم: مثالي پڙهڻي**

استاد، وڏي آواز سان مثالي پڙهڻي سان سبق پڙهي ٿو ۽ ٻارن کي غور سان ٻڌڻ لاءِ

چوي ٿو.

**ٻيو قدم: خاموش پڙهڻي**

استاد شاگردن کي خاموشي سان سبق پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ چوي ٿو ۽ انهن کي هدايت ڏئي ٿو ته نون لفظن هيٺان ليڪ ڏين ته جيئن هو انهن جي معنيٰ پڇي سگهن.

**ٽيون قدم: انفرادي پڙهڻي**

استاد ڪلاس ۾ موجود ڪجهه شاگردن کي بلند آواز ۾ سبق پڙهڻ لاءِ چوي ٿو.

**چوٿون قدم: جائزو**

استاد شاگردن کان ڪجهه سوال ڪري ٿو ته جيئن هُو اندازو لڳائي سگهي ته شاگردن ڪيتري قدر سبق کي سمجهيو آهي. ان طرح صحيح جوابن کان مطمئن ٿي انهن جي ساراهه ڪري ٿو ۽ غلطين جي دُرستگيءَ لاءَ چوي ٿو.

**سرگرميون:**

سرگرمي 01: استاد مشقي سوال بورڊ تي لکي شاگردن کي به لکڻ لاءِ چوي ٿو.
سرگرمي 02: صحيح جوابن سان خال پرڻ واري مشق ڪرائي ۽ انهن جي تصديق ڪري ٿو.
سرگرمي 03: استاد ’صحيح‘ يا ’غلط‘ جملن واري مشق ڪرائڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪري ٿو.
سرگرمي 04: سرگرمي (راند روند) ۾ ڏنل اصلاحات جي وضاحت ۾ شاگردن کي معلومات ڏئي ٿو ۽ انهن جي رهنمائي ڪري ٿو.

پاڪ سَر زمين شادبَاد          ڪِشورِ حسين شادبَاد
تُونشانِ عزّمِ عالِي شان          اَرضِ پاڪستان
مرڪزِ يقين شاد بَاد

پاڪ سَرزمين ڪا نِظام          قُوّتِ اُخُوّتِ عوام
قوم، مُلڪ، سَلطنت          پائنِده تابِنده باد
شاد بَاد منزلِ مراد

پَرچَمِ ستاره و هلال          رَهبرِ ترقّي و ڪمال
ترجمانِ ماضي، شانِ حال          جانِ اِستقبال
سَايہ خُدائي ذُوالجلال

درجو انون


Directorate of Curriculum Assessment & Research (DCAR)

School Education & Literacy Department, Government of Sindh

Directorate of Literacy & Non-Fomal Education



Tel: +92-21-99217771    E-mail: infesindh@gmail.com    Web: www.infesindh.gos.pk